# حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلام
# جا واقعا

**30-May-2024**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

30 مئي، 2024ء (21 ذُوالقَعده، 1445ھ) تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾
ٿيڻ وارو بيان

# حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جا واقعا

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

*... 7 ٻڪرين وارو ڪوھ
*... سجدو ڪرڻ جون ٻہ بهترين جايون
*... مُئلن کي پڪارڻ ڪيئن...؟
*... ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو پيغام اسان غلامن جي نانءُ

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ الله

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عالي شان آهي: شبِ جمعه ۽ روزِ جمعه (يعني خميس جو سج لهڻ کان وٺي جمعي جو سج لهڻ تائين) مون تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪندا ڪريو! جيڪو ائين ڪندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي گواهي ڏيندس ۽ شفاعت به ڪندس.[1]

تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر | یہ تیری رہائی کی چِٹّھی ملی ہے
شفاعت کرے حشر میں جو رضاؔ کی | سوا تیرے کس کو یہ قُدرت ملی ہے[2]

وضاحت: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ خواهش هي آهي ته جڏهن قيامت جي ڏينهن حاضري ٿئي ته اوهان فرمايو: اي رضا! تنهنجي لاءِ هي جهنم کان آزادي جو پروانو مليو آهي. اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ! رضا جي شفاعت ڪرڻ اوهان جو ئي ڪم آهي، اوهان کانسواءِ ڪنهن کي هيءَ طاقت ناهي ڏني وئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّیَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي. (1)

[1]... شُعَبُ الْاِیْمَان، باب فی الصلوات، جلد:3، صفحہ:111، حديث:3033۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:188 ملتقطًا۔

اي عاشقانِ رسول! سني نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو ٿا! مثلاً نيت ڪريو: * نگاهون جھڪائي ڪري توجه سان بيان ٻُڌندس * ضرورت مطابق سرڪِي ڪري ٻين جي لاءِ جڳھ ڪشاده ڪندس * ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس * بيان کان بعد پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس. * هٿ ملائيندس. ۽ * نيڪي جي دعوت پيش ڪندس. اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم!

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 7 ٻڪرين وارو کوه

پيارا اسلامي ڀائرو! بِئرِ سَبَع هڪ تاريخي شهر آهي. فلسطين جي ويجھو آهي. هاڻي تہ هي تمام وڏو شهر بڻجي ويو آهي، اڳوڻي زماني ۾ هي تمام ننڍو ڳوٺ هوندو هو.

عربي ۾ بِئر کوھ کي چوندا آهن ۽ سَبَع جي معنيٰ آهي: 7 (ڳڻپ وارا 7 جيڪي 6 کان بعد ايندا آهن) هن مقام کي بِئر چو چيو ويندو آهي؟ هن باري ۾ مختلف روايتون آهن. هڪ روايت ۾ آهي تہ الله پاڪ جي نبي حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام کي جڏهن باھ ۾ وجھڻ وارو واقعو پيش آيو، تہ باھ سندن جي لاءِ ٿڌي ۽ گلزار بڻجي وئي، ان واقعي کان بعد سندن پنهنجي علائقي بابِل کان هجرت ڪئي ۽ مِصر کان گذرندي، ان جڳھ پهتا جنهن کي هاڻي بِئرِ سَبَع چيو ويندو آهي. ان وقت حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جي جواني واري عمر هئي. اتي الله پاڪ کين ڪوڙ سارو مال عطا فرمايو، سندن وٽ مويشي (ڳئون، مينهن، ٻڪريون وغيره) تمام گهڻا ٿي ويا. اتان جا ماڻھو کيس شيخِ صالح (يعني نيڪ بزرگ) چئي ڪري پڪاريندا هئا. ٿيو ڪجھ هيئن جو ان علائقي جي ماڻھن سندن جي بي ادبي ڪئي ۽ چيائون: توهان هتان هليا وڃو! حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام پنهنجو سامان ۽

[1]... بخاری، کتاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

مال مويشي ڪاهي حِبرون (نالي شهر جنهن کي هاڻي اَلْخَلِيل چوندا آهن، اتي) تشريف وٺي ويا.

حقيقت هي آهي ته انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي بي ادبي ڪي هي حضرات جيتوڻيڪ پاڻ معاف فرمائي ڇڏين پر الله پاڪ بي ادبن کي سزا ضرور ڏيندو آهي. بِئْرِ سَبَع جي ماڻهن کي به سزا ڏني وئي، واقعو ڪجهه هيئن ٿيو جو حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جي هليو وڃڻ کان بعد جڏهن اهي ماڻهو پنهنجي ٻڪرين کي ڪاهي کوهه تي پهتا ته ڇا ٿا ڏسن ته سيني کوهن جو پاڻي سُڪي ويو آهي، انهن ۾ هڪ ڦڙو به پاڻي جو موجود ناهي. ڏاڍو پريشان ٿيا. سمجهي چڪا هئا ته اسان شيخ صالح يعني حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جي جيڪا بي ادبي ڪئي آهي، هي انهيءَ جي سزا آهي. جيئن ته اهي ماڻهو حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، پنهنجي بي ادبي جي معافي گهري ۽ عرض ڪيائون: حضور! اوهان واپس تشريف ڪٽي اچو! حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جن فرمايو: مان هاڻي واپس ته نه ايندس البت! توهان منهنجون 7 ٻڪريون ڪاهي وڃو! هڪ هڪ ٻڪريءَ کي هڪ هڪ کوهه جي پرسان بيهارجو پاڻي نڪري ايندو.

هاڻ اهي ماڻهو 7 برڪت واريون ٻڪريون ڪاهي ڪري واپس آيا، جيئن ئي انهن ٻڪرين کي کوهن جي پرسان بيهاريو، انهيءَ وقت کوهَن ۾ پاڻي ظاهر ٿيڻ لڳو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي پاڻيءَ سان ڀرجي ويا. انهيءَ سبب هن مقام جو نالو بِئْرِ سَبَع (يعني ستن ٻڪرين وارو کوهه) مشهور ٿي ويو. (الانس الجليل، جلد:1، صفحه:110)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تبرڪات جي برڪت

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا ته شان آهي حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جو...!! سندن ٻڪرين جي برڪت سان کوهَ پاڻي سان ڀرجي ويا...!! واهه سُبْحٰنَ الله! هتي غور ڪندا! انبياءِ ڪرام، اولياءِ ڪرام، الله پاڪ جو قرب رکڻ وارن

بانهن جي تبرڪات ۾ ڪيتري طاقت هوندي آهي...!!❁انهن تبرڪات جي برڪت سان مشڪلاتون ٽري وينديو آهن❁پريشانيون حل ٿي ويندیون آهن❁ دلين کي سڪون ملندو آهي❁بيماريون دور ٿينديون آهن❁ الله پاڪ جي عذاب کان پناهه نصيب ٿيندي آهي❁انهن تبرڪات جي تعظيم جي ڪري دلين ۾ تقويٰ پيدا ٿيندو آهي❁ ۽ انهن تبرڪات جي برڪت سان ايمان تازو ٿيندو آهي.

## مقامِ ابراهيم کي مصلّو(نماز جي جاءِ) بنائڻ جو حڪم

خاص ڪري حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام سان نسبت رکڻ واريون شيون، سندن تبرڪات...!! انهن جي تعظيم جو ته قرآنِ پاڪ ۾ به باقاعده حڪم ڏنو ويو آهي. ارشاد ٿئي ٿو:

وَ اتَّخِذُوۡا مِنۡ مَّقَامِ اِبۡرٰهٖمَ مُصَلًّى ؕ

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ (اي مسلمانو!) توهان ابراهيم جي بيهڻ جي جڳهه کي نماز جي جاءِ بڻايو. (سيپارو: 1، البقرة 125)

مقامِ ابراهيم ڇا آهي؟ هڪ پٿر آهي، حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جڏهن ڪعبي شريف جي تعمير فرمائي رهيا هئا، جڏهن ڪعبي جون ڀتيون مٿي ٿيون ته سندن ان پٿر تي بيٺا، هي حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جو معجزو هو جو جيئن جيئن ڀتيون مٿي ٿينديون ويندیون هيون، اهو پٿر پاڻ ئي مٿي ٿيندو ويندو هو، پوءِ جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام هيٺ لهڻ چاهيندا هئا ته هيٺ ٿي ويندو هو. (1)

اهو پٿر به بي مثال آهي جو ان حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جي قدمن جا نشان پنهنجي مٿان محفوظ ڪري ورتا آهن، اڄ صديون گذري ويون آهن، هاڻي به ڪين قدمن جا نشانَ ان تي موجود آهن.

[1]...تفسيرِ نعيمی، پاره:1، البقره، زيرِ آيت:125، جلد:1، صفحہ:631 مطبوعہ مکتبہ اسلاميہ لاہور ۔

## سجدي ڪرڻ جون ٻہ بهترين جايون

الله پاڪ ان مبارڪ پٿر کي مصلّو(نماز جي جاءِ) بنائڻ جو حڪم ڏنو. مطلب ڇا آهي؟ يعني ڪعبي جي سامهون اهڙي جڳهه بيهي ڪري نماز پڙهو جو مقامِ ابراهيم توهان ۽ ڪعبي جي بلڪل وچ ۾ اچي. (1) طواف جا جيڪي نوافل هوندا آهن، اهي هن جڳهه بيهي ڪري پڙهڻ مُسْتَحب آهي.

حضرت عبدُ الله بن عَمرو بن عاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا:

خَيْرُ الْمَسْجِدِ خَلْفَ الْمَقَامِ وَعَنْ يَمِيْنِ الْاِمَامِ

يعني پوري زمين تي سجدو ڪرڻ جي لاءِ ٻہ بهترين جايون آهن: (1): مقامِ ابراهيم جي پٺيان (2): (جڏهن اسان جماعت سان نماز پڙهون تہ) امام صاحب جي ساڄي طرف. (2)

## ڇا تہ ڪرم ڪيو تنهنجي ياد...!!

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! مقامِ ابراهيم جيڪو هڪ پٿر آهي، ان مبارڪ پٿر کي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سان هڪ نسبت آهي، تنهنڪري بلڪل نماز جي حالت ۾ ان پٿر جي تعظيم ڪرڻ يعني ان کي مصلو(نماز جي جاءِ) بنائڻ جو حڪم ڏنو ويو. سوچڻ جي ڳالهہ آهي، جڏهن نماز جي حالت ۾ هڪ پٿر جي تعظيم ڪرڻ سان نماز ۾ ڪو نُقص نہ ٿو اچي، نماز ٽُٽندي نہ آهي، ان ۾ ڪا گهٽتائي ناهي ايندي بلڪ نماز مڪمل ٿي ويندي آهي تہ پوءِ خود انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام بلڪ نبين جي امام، رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو خيال اچڻ سان نماز ۾ خلل ڪيئن ايندو...؟ سچ اهو ئي آهي تہ نماز جي حالت ۾ نبي جي تعظيم جو خيال اچڻ سان نماز ٽٽندي ناهي بلڪ ڪامل و

---

1...صاوی علی جلالين، پاره:1، البقره، زيرِ آيت:125، جز:1، جلد:1، صفحه:109 ـ

2...اخبار مکۃ للفاکهی، جلد:1، صفحه:466، حديث:1027ـ

اڪمل ٿي ويندي آهي. ڪنهن عاشق ڇا تہ خوب لکيو آهي:

کیا کرم کیا تیری یاد نے، مجھے آ جگایا نماز میں
میرے وہ بھی سجدے ادا ہوئے جو قضا ہوئے تھے نماز میں

وضاحت: يعني اي ڪريم آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان غفلت سان نماز پڙهي رهيو هئس، جسم تہ نماز ۾ هو پر دل ۾ دنياوي خيالات هلي رهيا هئا، پوءِ ڪرم ٿي ويو، عَين نماز جي حالت ۾ توهان جي ياد اچي وئي، هن ياد ڪرم ڪيو، مونکي غفلت واري خواب مان جاڳائي ڇڏيو، هاڻي حالت هي ٿي وئي آهي جو منهنجا اهي سجدا جيڪي پهريان غفلت جي حالت ۾ ادا ٿيا هئا، اوهان جي ياد جي برڪت سان انهن سجدن جي ڪَمي بہ پوري ٿي وئي ۽ مون خوب خشوع و خضوع سان ربَّ جي بارگاهہ ۾ سجدو ڪري ورتو.

بهرحال! تبرڪات جون ڪوڙ برڪتون آهن، اللّٰه پاڪ جي نبين، ولين ۽ نيڪ ٻانهن سان نسبت رکڻ واريون شيون مُيسر اچن تہ انهن جي خوب تعظيم ڪرڻ گهرجي. اللّٰه پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي. اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! ❁ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام تمام وڏي مرتبي وارا نبي آهن ❁ اللّٰه پاڪ سندن کي پنهنجو خليل ٺاهيو، انهيءَ ڪري سندن کي خَليل چيو ويندو آهي ❁ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کان بعد جيترا بہ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام تشريف وٺي آيا، سڀ ئي پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان ٿيا، ان ڪري کين "اَبُوالْاَنْبِيَا (يعني انبياء جا والد) بہ چيو ويندو آهي ❁ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پهريان انسان آهن جن باقاعده اهتمام سان مهمان جي مهمان نوازي فرمائي[1] ان ڪري سندن

[1]…مراة المناجيح، باب:الترجل، الفصل:الثالث، جلد:6، صفحه:193.

لقب آهي: اَبُو الضَّيْفَان يعني مهمان نوازي ڪرڻ وارا.[1] حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جو حُليو مبارڪ ۽ ظاهري شڪل و صورت تاجدارِ انبيا، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وآلِهٖ وَسَلَّمَ سان ملندي هئي، ايستائين جو پياري آقا، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام کي ڏسڻو هجي ته پنهنجي صاحب (يعني مُحمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) کي ڏسي وٺو...!![2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ پاڪ ۾ ڪيئي مقامن تي حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جو ذڪر ڪيو ويو آهي، پاڻ عَلَيه السَّلَام جا اوصاف ۽ ڪمالات، سندس معجزا، سندن اطاعت و فرمانبرداري ۽ محبتِ الاهي وغيره جا ڪيئي حسين ۽ خوبصورت واقعا به قرآنِ پاڪ ۾ بيان ٿيا آهن. اچو پاڻ عَلَيه السَّلَام جي سيرتِ پاڪ جا ڪجھ واقعا پڙهون ۽ انهن مان سبق حاصل ڪيون ٿا:

## چئن پکين جو قرآني واقعو

روايت آهي: حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام هڪ ڀيري سمنڊ جي ڪناري کان گذري رهيا هئا، سندن ڏٺائون ته هڪ لاش پيو آهي، حالت هي آهي جو سمنڊ جون مڇيون ان کي کائي رهيون آهن ۽ پکي به ان جو گوشت کائي رهيا آهن. هي ڏسي ڪري حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام کي حيرت ٿي.

هونئن ته حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جو ايمان ۽ يقين ڪيترو مضبوط هو، ان باري ۾ ته ڪجھ ڪلام ٿئي نه ٿو سگهجي، سندن جهڙو ڪامل ايمان ڀلا ڪنهن کي نصيب ٿيندو...؟ هيءَ صرف هڪ حيراني هئي ته هن لاش جا ڪوڙ ٽڪرا ٿي ويا آهن، هن جو ڪجھ گوشت مڇين جي پيٽ ۾ هليو ويو، ڪجھ پکين جي پيٽ ۾ هليو ويو، ڪجھ پاڻي لڳڻ سبب سڙي ويو، هي هڪ لاش

[1] ...حلية الاولياء، عكرمہ مولى ابن عباس، جلد:3، صفحہ:385، حديث:4361۔

[2] ...بخارى، كتاب:احاديث الانبياء، باب:واتخذاللہ ابرہیم خليلا، صفحہ:856، حديث:335۔

ايترن ٽڪرن ۾ جُدا جُدا ٿي ويو، پوءِ قيامت اچڻ ۾ اجان ڪيئي صديون باقي آهن، حيرت جي ڳالهه آهي ته الله پاڪ قيامت جي ڏينهن هن مُئل کي زنده ڪيئن فرمائيندو؟ ايترن حصن ۾ وِکريل هنن ٽڪرن کي ڪيئن جمع فرمائيندو؟ جيئن ته پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سوال ڪيو:

رَبِّ اَرِنِیْ كَیْفَ تُحْیِ الْمَوْتٰىؕ

ترجمو ڪنز العرفان: اي منهنجا ربَّ! مونکي ڏيکار ته تون مئلن کي ڪيئن جياريندين؟ (سيپارو: 2، البقرة: 260)

يعني اي منهنجا مالڪ! اي مونکي پالڻ وارا! مان هي ته ڄاڻا ٿو، مڃان ٿو، يقين رکان ٿو ته تون مُئل زنده فرمائيندين پر اهي مُئلَ زنده ڪرڻ ڪيئن هوندو؟ اهو مونکي اکين سان ڏيکار. [1] ان تي ڪو اعتراض ڪري سگهيو ٿي ته شايد حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام کي ڪو شڪ هيو، تنهنڪري الله پاڪ سندس ئي جي زباني ان جو جواب ڏياريو، ارشاد ٿيو:

اَوَلَمْ تُؤْمِنْؕ

ترجمو ڪنز العرفان: ڇا توکي يقين نه آهي. (سيپارو: 2، البقرة: 260)

حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام عرض ڪيو:

بَلٰى وَ لٰكِنْ لِّیَطْمَىٕنَّ قَلْبِیْؕ

ترجمو ڪنز العرفان: يقين ڇو نه آهي پر اهو (چاهيان ٿو) ته منهنجي دل کي قرار اچي وڃي. (سيپارو: 2، البقرة: 260)

يعني اي مالڪِ ڪريم! تون مُئل زنده فرمائيندين، مونکي ان تي پورو يقين آهي، پڪو ايمان آهي پر هاڻي تائين مونکي عِلمُ اليقين حاصل آهي (يعني مون وحيءَ جي ذريعي ڄاڻي ڪري مڃيو آهي ۽ پورو يقين ڪري ورتو آهي) پر هاڻي عينُ اليقين (يعني

---

[1] …تفسير نعيمی، پاره:3، البقره، زيرِ آيت:260، جلد:3، صفحہ:77بتصرف ـ

اڪين سان ڏسي ڪري اجان وڌيڪ پڪو يقين) حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو. (1)

الله پاڪ کين اها درخواست پوري ڪئي ۽ حڪم ٿيو: اي ابراهيم عَلَيه السَّلَام! 4 پکي ڪٺو! انهن کي پاڻ سان خوب مانوس ڪريو! پوءِ انهن کي ذبح فرمايو! انهن جو قيمو ڪريو! پوءِ انهن جو گوشت پاڻ ۾ ملايو! پوءِ انهن جون منڍيون پاڻ وٽ رکو! ۽ گوشت جا 4 حصا ڪري مختلف جبلن تي رکو! ۽

ثُمَّ ادۡعُهُنَّ

ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ انهن کي سڏيو. (سيپارو: 2، البقرة: 260)

يعني پوءِ انهن پکين کي سڏيو ! اهي ڊوڙندا توهان وٽ اچي ويندا.

حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام ائين ڪيو، 4 پکي ڪنيا، ڪهڙا ڪهڙا پکي هئا؟ عُلما فرمائن ٿا: سندن (1): هڪ مور ڪنيو (2): هڪ ڪُڪڙ (3): هڪ ڪبوتر (4): ۽ هڪ ڳجهه يا ڪانءُ. انهن کي پاڻ سان مانوس ڪيائون، پوءِ انهن چئني کي ذبح ڪري انهن جو گوشت 4 مختلف جبلن تي رکيو، پوءِ جيئن ئي انهن کي سڏيائون انهن چئني جو گوشت پنهنجي جڳهه تان اڏامي ڪري سندن وٽ آيو ۽ پنهنجي منڍين سان ملي ويو، ائين چار ئي پکي ٻيهر زنده ٿي ويا. الله پاڪ فرمايو:

وَاعۡلَمۡ اَنَّ اللّٰهَ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ ﴿۲۶۰﴾

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ڄاڻي وٺ ته الله غالب حڪمت وارو آهي.

(سيپارو: 2، البقرة: 260)

يعني ڄاڻي وٺو ته الله غالب آهي، ان کي ڪا ڳالهه مجبور نه ٿي ڪري سگهي، هو حڪمت وارو آهي، هن جو ڪوبه ڪم حڪمت کان خالي ناهي هوندو. (2)

---

[1]...تفسير نعيمی، پاره:3، البقره، زيرِ آيت:260، جلد:3، صفحہ:78بتصرف۔

[2]...تفسير نعيمی، پاره:3، البقره، زيرِ آيت:260، جلد:3، صفحہ:78بتصرف۔

سب کا پیدا کرنے والا، میرا مولیٰ! میرا مولیٰ!

سب سے اَفضَل سب سے اعلیٰ میرا مولیٰ! میرا مولیٰ!

جگ کا خالق، سب کا مالک، وہ ہی باقِی، باقی ھالک (فنا ہونے والے)

سچّا مالک، سچّا آقا، میرا مولیٰ! میرا مولیٰ!

عزّت والا، حکمت والا، نعمت والا، بَرَکت والا

میرا پیارا، میرا آقا، میرا مولیٰ! میرا مولیٰ!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قيامت اچڻي آهي، ضرور اچڻي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ايمان افروز قرآني واقعو جيڪو اسان هاڻي پڙهيو، هن ۾ اسان جي سکڻ جي لاءِ ڪوڙ سبق آهن. ڀهريون سبق ته هي آهي جو قيامت اچڻي آهي، ضرور اچڻي آهي، مرڻ کان پوءِ اسان کي ٻيهر زنده ڪيو ويندو، ضرور ڪيو ويندو ۽ هي ڳالھ الله پاڪ جي لاءِ ذري برابر به مشڪل نه آهي. هو خالق ۽ مالڪ عزوجل جيڪو ڪُنۡ فرمائي ڪري هزارين جهان پيدا فرمائي سگهي ٿو، پوءِ مُئل جيئرا ڪرڻ، ان جي لاءِ ڪهڙي مشڪل ڳالھ آهي؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَاِنَّمَا هِیَ زَجۡرَةٌ وَّاحِدَةٌ ﴿۱۳﴾ فَاِذَا هُمۡ بِالسَّاهِرَةِ ﴿۱۴﴾

ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ اها (ڦوڪ) ته هڪ هڪل ئي آهي پوءِ يڪدم اهي کليل ميدان ۾ پيا هوندا. (سيپارو: 30، النّٰزعٰت: 14_15)

الله! الله! هي آهي الله پاڪ جي قدرت...!! غير مُسلم هن کي تمام مشڪل سمجهندا هئا ته ڳريل سڙيل هڏين ۾ ساھ ڪيئن ٿو پئجي سگهجي؟ ڪيئن انهن کي ٻيهر جيئرو ڪري سگهجي ٿو؟ الله پاڪ فرمايو: هي ته صرف هڪ

هڪل هوندي، بس صُور ڦوڪيو ويندو، انهي وقت هزارين سال پُراڻا مُئل به قبرن مان اٿندا.[1]

## مُئلن کي پڪارڻ ڪيئن...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! وڏيڪ هن واقعي ۾ ڌيان سان غور فرمايو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام 4 پکي کنيا ✿هڪ مور✿هڪ ڪُڪڙ✿هڪ ڪبوتر ۽✿هڪ ڳجهه يا ڪانءُ. انهن کي ذبح ڪيائون، پوءِ انهن جو گوشت پاڻ ۾ ملايائون، پوءِ انهن جو گوشت پري جَبلن تي رکي ڇڏيائون، ان کان بعد چا ڪيائون، الله پاڪ فرمائي ٿو:

ثُمَّ ادۡعُهُنَّ ترجمو ڪنز العرفان: : پوءِ انهن کي سڏيو. (سيپارو: 2، البقرة: 260)

هتي سمجهڻ جي ڳالهه آهي✿انسان نه، پکي آهن✿زنده نه، مُئل آهن✿ويجهو نه، پري آهن. الله پاڪ حڪم ڏنو ۽ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام انهن مئل پکين کي پري کان پڪاريو: تَعَالَيْنَ يعني✿اي ڪُڪڙ! هيڏي اچ✿اي ڪبوتر! هيڏي اچ✿اي مور! هيڏي اچ✿اي ڳجهه! هيڏي اچ.

هن مان خبر پئي ته مئلن کي پڪارڻ شرڪ نه ٿو ٿي سگهي، جيڪڏهن معاذَ الله! هي شرڪ هجي ها ته نه الله پاڪ انهن پکين کي پڪارڻ جو حڪم ڏي ها، نه ئي ڪڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ائين پڪارين ها.

هاڻي سوچڻ جي ڳالهه آهي، جڏهن مئل مور، ڪبوتر، ڳجهه وغيره کي پڪارڻ شرڪ نه آهي ته انسان، اشرفُ المخلوقات جڏهن دنيا مان هليو وڃي، ان کي پڪارڻ شرڪ ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ بلڪ رسولن جا سردار، سڄي مخلوق ۾ سڀ کان افضل و اعليٰ نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪي يقيناً زنده آهن، پنهنجي مزارِ پاڪ ۾ دنياوي زندگي سان تشريف فرما آهن، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي يارسول الله! چئي ڪري پڪارڻ شرڪ ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

---

[1]... صراط الجنان، پاره:30، النازعات، زير آيت:10-14، جلد:10، صفحه:526 ماخوذاً.

الحمد لله! عاشقانِ رسول جو هي سچو عقيدو آهي تہ الله پاڪ جا نبي بہ زندھ آهن، تمام اولياءِ ڪرام بہ الله پاڪ جي عطا سان، پنهنجي پنهنجي مزارن ۾ زندھ آهن، جڏهن انهن مئل پڪين کي پڪارڻ شرڪ ناهي تہ يا صديق! يا عُمر! يا عُثمان! يا علي! چوڻ چو شرڪ هوندو؟ يا غوثِ پاڪ چوڻ يا داتا چوڻ يا خواجہ چوڻ يا احمد رضا چوڻ ڪيئن ٿو شرڪ ٿي سگهي؟ يقيناً انبياءِ ڪرام کي، اولياءِ ڪرام کي، الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن کي دنيا مان وڃڻ کان بعد بہ پڪارڻ هرگز شرڪ ناهي بلڪ ساڍن 14 صدين کان اهلِ حق عاشقانِ رسول جو سچو عقيدو آهي. اسان الحمد لله! يارسول الله چوڻ وارا آهيون، اسان يارسول الله جو نعرو هڻندا هئاسين، هڻندا آهيون ۽ هڻندا رهنداسين.

| | |
|---|---|
| يارسولَ الله! کے نعرے سے ہم کو پیار ہے | جس نے یہ نعرہ لگایا، اس کا بیڑا پار ہے |
| خُلد میں ہو گا ہمارا داخلہ اس شان سے | یارسولَ الله کا نعرہ لگاتے جائیں گے |
| نعت خوانی موت بھی ہم سے چُھڑا سکتی نہیں | قبر میں بھی مُصطفٰے کے گیت گاتے جائیں گے |

پُکارو...! یارسولَ الله! یاحبیبَ الله!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان ۾ ڪمال ۽ مضبوطيءَ جو شوق

پيارا اسلامي ڀائرو! پڪي زندھ ٿيڻ واري هن قرآني واقعي مان هڪ اهم ترين سبق جيڪو اسان کي سکڻ جي لاءِ ملي ٿو، اهو آهي: ايمان ۾ ڪمال ۽ مضبوطي جو شوق.

ڏسو! حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام الله پاڪ جا نبي آهن، ان جا خليل آهن، تمام مخلوق ۾ سيني کان وڏو درجو اسان جي آقا، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو آهي، نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان بعد بلند مرتبي وارا حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام آهن. سندن ايمان ڪيترو مضبوط هو، ان جو تہ اسان اندازو بہ نہ ٿا لڳائي

سگهون۞نمرود بدبخت سندن کي باهہ ۾ وجھڻ جي جُرئت ڪئي، بلڪل انهيءَ وقت جڏهن سندن کي باهہ ۾ وڌو پئي ويو، پاڻ عَلَيه السَّلَام جي دل ان وقت بہ مطمئن هئي، هي سندن ايمان جو شان آهي۞پاڻ عَلَيه السَّلَام کي حڪم ٿيو: پنهنجي ننڍڙي شهزادي اسماعيل عَلَيه السَّلَام ۽ انهن جي والده سيده هاجره رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا کي رڻپٽ ۾ ڇڏي اچن! پاڻ عَلَيه السَّلَام دل جي اطمينان سان جلد ئي پنهنجي آل کي اتي ڇڏي آيا. هي سندن ايمان جو شان آهي ۞ پاڻ عَلَيه السَّلَام کي پٽ جي قرباني جو حڪم ٿيو، پاڻ عَلَيه السَّلَام بي خوف پٽ جي نڙيءَ تي ڇري رکي ورتي، هي پاڻ عَلَيه السَّلَام جي ايمان جو شان آهي.

ايترو مضبوط، ايترو ڪامل ۽ اڪمل ايمان هجڻ جي باوجود حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جو شوق ڏسو! سندن ان مضبوط ترين ايمان کي اڃان وڌيڪ مضبوط بنائڻ جي خواهش رکن پيا، الله ڪريم جي بارگاهہ ۾ عرض ڪري رهيا آهن:

بَلٰى وَلٰكِنْ لِّيَطْمَىٕنَّ قَلْبِیْ ؕ

ترجمو ڪنز العرفان: ابراهيم عرض ڪيو: يقين ڇو نہ آهي پر اهو (چاهيان ٿو) تہ منهنجي دل کي قرار اچي وڃي. (سيپارو: 2، البقرة: 260)

يعني اي الله پاڪ! تون مئلن کي زندهہ فرمائيندين، ان تي منهنجو ڪامل ۽ اڪمل، مضبوط ترين ايمان آهي پر مان ان کان بہ اڳين درجي تي پهچڻ چاهيان ٿو، هن معاملي ۾ مونکي عِلمُ اليقين حاصل آهي، مان عينُ اليقين حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو، يعني پهريان وحيءَ جي ذريعي ڄاڻي ڪري ان تي ايمان رکان ٿو، هاڻي اکين سان ڏسي ڪري ان کان اڳين درجي تائين پهچڻ چاهيان ٿو. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جو خوبصورت وصف آهي. ڪاش! هن پاڪيزه وصف جو فيضان اسان کي بہ نصيب ٿي وڃي، حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام ايتري مضبوط ايمان جي باوجود ان ۾ اڃان وڌيڪ

[1] …تفسير نعيمی، پاره:3، البقره، زيرِ آيت:260، جلد:3، صفحہ:78بتصرف۔

مضبوطي جي خواهش رکن ٿا، ڪاش! اسان کي پنهنجي ڪمزور ايمان کي مضبوط ڪرڻ جو جذبو نصيب ٿي وڃي.

## هڪ مسلمان جي اهم ترين ذميداري

هي ڳالهه ذهن ۾ رکو! هڪ مسلمان تي جيڪي بنيادي ذميداريون آهن، انهن مان هڪ نهايت ئي اهم ذميداري پنهنجي ايمان کي مضبوط ڪرڻ آهي ۽ اڄوڪي دور ۾ هن جي تمام گهڻي ضرورت آهي. هاڻي اهو دور هلي رهيو آهي، جنهن جي متعلق حديثِ پاڪ ۾ ارشاد ٿيو: هڪ زمانو ايندو، ماڻهو صبح جو مومن شام جو ڪافر هوندو ۽ شام جو مومن ته صبح جو ڪافر هوندو.

هاءِ افسوس! هر جڳهه تي فتنا ٿي رهيا آهن، روزانو نوان نوان فتنا اٿي رهيا آهن ۽ وڌيڪ خطري جي ڳالهه هي آهي ته هي فتنا هر هڪ جي پهچ ۾ آهن. اڳوڻي دور ۾ فتنا گهٽ هئا ۽ حالت هيءَ هئي جو هڪ ملڪ يا شهر ۾ فتنو اٿندو هو ته ٻين علائقن ۾ ان جي خبر پهچندي پهچندي ڪيئي مهينا ۽ سال لڳي ويندا هئا پر هاڻي سوشل ميڊيا جو دور آهي، سائنس ۽ ٽيڪنالوجي ڪافي ترقي ڪئي آهي، هاڻي حالات اهڙا آهن جو دنيا جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪو فتنو اٿندو آهي، ڪجهه سيڪنڊ لڳندا آهن جو ٻي ڪنڊ تائين ان جا اثرَ پهچي ويندا آهن.

هي نهايت حيراني جي ڳالهه آهي. اڳين زماني ۾ فتنا گهٽ هئا پر ايمان جو فڪر وڌيڪ هو پر افسوس! اڄ فتنا گهڻا آهن، ايمان لٽجي وڃڻ جا موقعا وڌي ويا آهن پر ايمان بچائڻ جو فڪر تمام گهٽ ٿي ويو آهي.

اي عاشقانِ رسول! اسان وٽ سڀ کان وڏي دولت ايمان آهي، ان جي حفاظت ڪرڻ اسان جي ذميداري آهي ۽ هيءَ حفاظت ڪيئن ڪرڻي آهي؟ ايمان کي مضبوط ڪري...!! جڏهن ڪُرونا وائرس آيو هو ته ڊاڪٽر حضرات چوندا هئا: پنهنجو مدافعتي نظام (Immune System) مضبوط ڪري وٺو، ڪُرونا کان ڪافي حد تائين حفاظت ٿي ويندي.

يعني مُدافعتي نظام جيترو مضبوط هوندو، ماڻهو اوترو ئي وائرس ۽ ٻين

بيمارين کان محفوظ رهندو آهي، اهڙيءَ طرح اڄوڪي هن فتنن واري دور ۾ اسان کي ايمان جي حفاظت ڪرڻي آهي ته ان جي لاءِ پنهنجو مدافعتي نظام مضبوط ڪرڻو پوندو، يعني ايمان کي ايترو پڪو ڪيون، ايترو پڪو ڪيون جو چاهي ڪير ڪيترو به زور لڳائي پر اسان جو ايمان ڪڏهن به ڪمزور نه ٿي سگهي. ائين ڪنداسين ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ايمان جي حفاظت ڪرڻ ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب ٿي وينداسين.

## ايمان مضبوط ڪيئن ڪيون؟

هاڻي سوال هي آهي ته ايمان مضبوط ڪيئن ڪرڻو آهي؟ ڏسو! حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام نهايت بُلند رتبي وارا آهن، هي سندن جو ئي شان آهي جو پاڻ عَلَيه السَّلَام مُئل زنده ڏسڻ جي خواهش فرمائي ته الله پاڪ سندن کي اهي ڏيکاريا ❁ اسان جي لاءِ مئل قبرن مان اٿي ڪري نه بيهندا ❁ اسان کي چند ٽڪرا ڪري نه ڏيکاريو ويندو ❁ اسان کي سڄ واپس موٽائي ڪري نه ڏيکاريو ويندو ❁ يعني هاڻي ڪو نئون نبي نه ايندو، اسان کي معجزا نه ڏيکاريا ويندا. اسان کي پنهنجي مرتبي جي مطابق هلڻو آهي، پاڻ ئي پنهنجي ايمان کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. ڪيئن ڪرڻي آهي؟

الحمد لله! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان جي هر لحاظ کان رهنمائي عطا فرمائي آهي، توهان مبارڪ حديثون پڙهو! ايمان مضبوط ڪرڻ جا ڪوڙ طريقا ٻڌايا ويا آهن. حديثِ پاڪ ۾ آهي:

لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْن

ترجمو: توهان مان ڪوبه ان وقت تائين ڪامل ايمان وارو نه ٿو ٿي سگهي، جيستائين مونکي پنهنجي والدين، اولاد ۽ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ محبوب نه ٻڻائي وٺي.(1)

[1]... بخاری، کتاب بدء الایمان، باب حب الرسول من الایمان، صفحہ:74، حدیث:15۔

خبر پئي رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي محبت ڪرڻ ايمان کي مضبوط ڪندو آهي. حديثِ پاڪ ۾ ارشاد ٿيو:

اَوْثَقُ عُرَى الْاِيْمَانِ اَلْحُبُّ فِي اللهِ

ترجمو: يعني الله پاڪ جي رضا جي لاءِ (الله پاڪ جي ٻانهن سان) محبت ڪرڻ، ايمان جي سڀ کان مضبوط رسي آهي. (1)

خبر پئي الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن، نبين ۽ ولين سان، صحابہ ۽ اهلبيت سان محبت ڪرڻ، انهن سان پنهنجو روحاني تعلق مضبوط ڪرڻ سان ايمان پڪو ٿيندو آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي:

لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يَكُوْنَ هَوَاهُ تَبِعًا لِمَا جِئْتُ بِهٖ

ترجمو: يعني توهان مان ڪوبہ ان وقت تائين ڪامل مومن نہ ٿو ٿي سگهي، جيستائين ان جون خواهشون منهنجي آندل دين جي تابع نہ ٿي وڃن.

خبر پئي: پنهنجي خواهشن کي مٿائي ڪري دين کي اپنائڻ سان ايمان مضبوط ٿيندو آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي:

لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يُحِبَّ لِاَخِيْهِ مَا يُحِبُّ لِنَفْسِهٖ

ترجمو: يعني توهان مان ڪوبہ ان وقت تائين ڪامل مومن نہ ٿو ٿي سگهي، جيستائين پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ بہ اهو ئي پسند نہ ڪرڻ لڳي، جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪندو آهي.

خبر پئي: جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪندا آهيون، اهو ئي ٻين جي لاءِ پسند ڪرڻ شروع ڪريون ❁ پنهنجي لاءِ عزت پسند آهي، ٻين کي بہ عزت ڏيڻ ۾ لڳي وڃون ❁ پنهنجي لاءِ آسانيون پسند آهن، ٻين کي آسانيون ڏيڻ شروع ڪيون ❁ پنهنجي تعريف پسند آهي، ٻين جي تعريف ڪرڻ وارا ❁ غيبت، چغلي وغيره کان بچڻ وارا بڻجي وڃون، مطلب تہ هر چڱائي جيڪا پنهنجي لاءِ

[1] ... مسند ابو داود طيالسی، جلد:1، صفحه:111، حديث:783۔

پسند آهي، اھا ئي پنهنجي مسلمان ڀائرن جي لاءِ پسند ڪرڻ لڳي وڃون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ايمان مضبوط ٿي ويندو. هي ڪجھ حديثون مون عرض ڪيون آهن، انهن کان علاوه ڪوڙ حديثون آهن، جن مان اسان کي ايمان مضبوط ڪرڻ جا طريقا ملن ٿا، انهن کي پڙهو، سکو، انهن تي عمل ڪيو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ايمان مضبوط ٿيندو، فتنن کان حفاظت نصيب ٿي ويندي.

ہر دَم ابلیس پیچھے لگا ہے | حِفْظِ ایمان کی التجا ہے
ہو کرم اَمْن روزِ جزا کی | میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے
رُوح عطّار کی جب جُدا ہو | سامنے جلوۂ مصطفےٰ ہو
ان کے قدموں میں اس کو قضا کی | میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے(1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام ۾ حيا

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جي پيارن پيارن وصفن مان هڪ وصف حيا بہ آهي. صحابيءِ رسول حضرت عبدُ الله بن عباس رَضِىَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام نهايت ئي حيا وارا هئا. ايتري حيا فرمائيندا هئا جو زمين کين پردي واري مقامن کي ڏسي، کين اهو بہ پسند نہ هو، جيئن تہ پاڻ عَلَيه السَّلَام الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيائون تہ الله پاڪ جبريلِ امين عَلَيه السَّلَام کي موڪليو، کين جنت مان هڪ ڪپڙو ڪٽي آيا ۽ عرض ڪيائون: پنهنجي گهرواري حضرت ساره رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها کي فرمايو تہ هن جو پاجامو سلائي ڪن. حضرت ساره ٻڌايل طريقي جي مطابق پاجامو سلائي ڪيو. جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام جن پاتو تہ خوش ٿي ويا ۽ فرمايائون: هي پردي جي لاءِ ڪيترو چڱو آهي.(2)

---

1 ...وسائلِ بخشش، صفحہ:124، 125۔

2 ... الانس الجليل، جلد:1، صفحہ:129۔

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪيڏي عظيمُ الشان حيا آهي...!! اللّٰه پاڪ اسان کي بہ حيا نصيب فرمائي. اڄ ڪلهہ حيا تمام گهٽ ٿي وئي آهي ❁اڪثر گهرن ۾ باقاعده اسلامي پردي جو رواج نہ آهي غير مَحۡرَمن مثال طور سؤٽن، ماروٽن، ماساتن، وغيره سان سرعام گفتگو، ڪلَ يوڳ وغيره ڪئي ويندي آهي ❁ پوءِ شادي وغيره جي موقعي تي تمام گهڻي بي حيائي ڪئي ويندي آهي،❁انٽرنيٽ وغيره جي ذريعي فحاشي ۽ بي حيائي واريون شيون ڏٺيون ويندِيون آهن❁نامناسب ويب سائٽس جو استعمال ڪيو ويندو آهي❁گنديون گنديون گاليون ڪرڻ❁گنديون شيون ڏسڻ❁بُرا خيالات سوچڻ وغيره هي سڀ عام ٿي رهيو آهي.

اللّٰه پاڪ اسان کي حيا جي دولت نصيب فرمائي. ياد رکو! حيا بہ ايمان کي مضبوط ڪرڻ وارو وصف آهي. نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: بيشڪ حيا ۽ ايمان ٻئي مليل آهن فَاِذَا رُفِعَ اَحَدُهُمَا رُفِعَ الۡاٰخَرُ يعني جڏهن انهن مان هڪ هليو وڃي تہ ٻيو بہ هليو ويندو آهي. (جامع صغير، حديث:2483)

مطلب هي آهي تہ حيا جيتري گهٽ هوندي، ايمان اوترو ئي ڪمزور هوندو آهي ۽ حيا جيتري گهڻي هوندي، ايمان اوترو ئي مضبوط ٿي ويندو آهي. (فيض القدير، جلد:2، صفحه:326)

اُٹھے نہ آنکھ کبھی بھی گناہ کی جانِب | عطا کرم سے ہو ایسی مجھے حیا یاربّ!
کسی کی خامیاں دیکھیں نہ میری آنکھیں اور | سُنیں نہ کان بھی عیبوں کا تذکرہ یاربّ!

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حاجي زم زم عطاري رَحۡمَةُ اللّٰه عليه جي حيا

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ 21 ذوالقعده آهي. اڄوڪي ڏينهن مرحوم رڪنِ شوريٰ، محبوبِ عطار حاجي زم زم عطاري رَحۡمَةُ اللّٰه عليه جو وصال ٿيو هو❁حاجي زم زم عطاري رَحۡمَةُ اللّٰه عليه نهايت ئي نيڪ طبيعت هئا❁نيڪ اعمال

تي تمام گھڻي استقامت رکندا هئا عاشقِ رسول بہ ڪمال جا هئا ۽ مُرشد جي محبت تہ انهن جي دل ۾ ائين سمايل هئي جو فَنَا فِی الْمُرْشِد هئا يعني پير صاحب جي محبت ۾ چڙ تہ بُڏل هئا الحمد للّٰه! حاجي زم زم عطاري رَحْمَۃُ اللہ علیه بہ نهايت حيا وارا هئا.

## ايئرپورٽ تي نگاهن جي حفاظت

هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: هڪ ڀيري مونکي حاجي زم زم عطاري رَحْمَۃُ اللہ علیه سان بَمبَئي جو سفر ڪرڻ جو موقعو مليو، سڄي رستي ۾ انهن نگاهون جهڪائي رکيون، حالانڪ جهاز ۾ بي پردگي ۽ وري ائيرپورٽ تي اِميگريشن جي معاملات جي وقت ڪائونٽر تي عورتون بہ هيون پر بَمبَئي ائيرپورٽ کان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ انهن ترغيب طور فرمايو: الحمدللّٰه! ڪراچي کان هتي پهچڻ تائين هڪ بہ عورت تي منهنجي نظر ناهي پئي.

(محبوبِ عطّار کی 122 حکایات، صفحہ:53)

## بار بار اکيون بند ڪري وٺندا هئا

حاجي زم زم عطاري رَحْمَۃُ اللہ علیه بيمار هئا، ڪيئي ڀيرا اسپتال ڪٽي وڃڻو پيو، مختلف اسلامي ڀائرن جو بيان آهي تہ اسان جڏهن بہ حاجي زم زم عطاري رَحْمَۃُ اللہ علیه کي اسپتال ڪٽي ويندا هئاسين تہ اهي اڪثر پنهنجون اکيون بند ڪري وٺندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: اسپتال ۾ نرسون و غيره هونديون آهن، مان ڊڄان ٿو تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو انهن تي نگاهہ پئجي وڃي ۽ انهي حالت ۾ موت اچي وڃي. رڪنِ شوريٰ حاجي علي عطاري فرمائن ٿا: هڪ ڀيري اسپتال ۾ مان انهن جي عيادت جي لاءِ موجود هئس، مون ان دوران ڏٺو تہ باربار اکيون بند ڪري رهيا آهن. جيئن تہ مون انهن کان اجازت گهري تہ آرام ڪيو! مان هلان ٿو. فرمايائون: توهان ترسو! مونکي ننڊ نہ ٿي اچي بلڪ نرسن جي سامهون اچڻ جي انديشي سبب اکيون بند ڪري رهيو آهيان تہ جيئن انهن تي نگاهہ نہ پئجي.(محبوبِ عطّار کی 122 حکایات، صفحہ:52)

سُبۡحٰنَ اللّٰه! الله پاڪ اسان کي به اهڙي حيا نصيب ڪري. ڪاش! نظرون هيٺ رکڻ جي عادت بڻجي وڃي.

آقا کی حیا سے جھکی رہتی نظر اکثر | آنکھوں پہ مرے بھائی لگا قفلِ مدینہ
گر دیکھے گا فلمیں تو قیامت میں پھنسے گا | آنکھوں پہ مرے بھائی لگا قفلِ مدینہ
آنکھوں میں سرِ حشر نہ بھر جائے کہیں آگ | آنکھوں پہ مرے بھائی لگا قفلِ مدینہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جون ڪجھ نصيحتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان الله پاڪ جي نبي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جا ڪجھ واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اچو! پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جون ڪجھ نصيحتون به ٻڌون ٿا:

## عبادت ۽ تقويٰ جي نصيحت

قرآن پاڪ ۾ آهي: حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي قوم کي فرمايو:

اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاتَّقُوْهُ ؕ

ترجمو ڪنز العرفان: الله جي عبادت ڪريو ۽ ان کا ڊڄو.

(سيپارو: 20، العنڪبوت: 16)

هي 2 ڳالهين جي نصيحت آهي: (1): الله پاڪ جي عبادت ڪيو! (2): تقويٰ اختيا ڪيو!

ڪاش! اسان کي ٻنهي ڳالهين تي عمل جي سعادت نصيب ٿي وڃي❁اسان الله پاڪ جي عبادت به ڪيون❁خوب نمازون به پڙهون❁ٿي سگهي ته نفل روزا به رکون❁تلاوت به ڪيون❁درودِ پاڪ به پڙهون❁ذڪرُ الله به ڪثرت سان ڪيون❁۽ الله پاڪ نصيب فرمائي، تقويٰ به اختيار ڪيون.

# ذوالحج جي ڏهاڪي ۾ عبادت جي فضيلت

الحمدلله! عنقريب ذُوالْحِجَّةُ الْحَرَام تشريف وٺي اچڻ وارو آهي، هي عبادت جو مهينو آهي. ان جون شروعاتي 10 راتيون فضيلت واريون آهن. حضرت عبدُ الله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: الله جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

مَا مِنْ اَيَّامٍ اَلْعَمَلُ الصَّالِحُ فِيهَا اَحَبُّ اِلَى اللهِ مِنْ هٰذِهِ الْاَيَّامِ

ترجمو: ڪو ڏينهن اهڙو نہ آهي جو جنهن ۾ نيڪ عمل ڪرڻ الله پاڪ وٽ، انهن 10 ڏينهن کان وڌيڪ محبوب هجي.[1]

يعني عام ڏينهن ۾ نيڪي ڪئي وڃي اها بہ الله پاڪ کي پياري آهي، عام ڏينهن ۾ نيڪي ڪرڻ بہ وڏي فضيلت جي ڳالھ آهي پر عام ڏينهن جي مقابلي ۾ عشرهٔ ذوالحج (يعني ذوالحج جي شروعاتي 10 ڏينهن ۾) نيڪي ڪرڻ الله پاڪ وٽ نهايت محبوب آهي. هڪ روايت ۾ آهي:

وَالْعَمَلُ فِيهِنَّ يُضَاعَفُ سَبْعُ مِئَةِ ضِعْفٍ

ترجمو: انهن 10 ڏينهن ۾ نيڪي جو ثواب 700 ڀيرا وڌايو ويندو آهي.[2]

ترمذي شريف ۾ حديثِ پاڪ آهي: مَا مِنْ أَيَّامٍ أَحَبُّ إِلَى اللهِ أَنْ يُتَعَبَّدَ لَهُ فِيهَا مِنْ عَشْرِ ذِی الحِجَّةِ يعني عشرهٔ ذوالحج ۾ عبادت ڪرڻ الله پاڪ وٽ عام ڏينهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ محبوب آهي يَعْدِلُ صِيَامُ كُلِّ يَوْمٍ مِّنْهَا بِصِيَامِ سَنَةٍ انهن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن جو روزو هڪ سال جي روزن جي برابر آهي وَقِيَامُ كُلِّ لَيْلَةٍ مِّنْهَا بِقِيَامِ لَيْلَةِ الْقَدْرِ ۽ انهن ڏينهن جي هر رات جو قيام (يعني جاڳي ڪري عبادت ڪرڻ) شبِ قدر جي قيام برابر آهي.[3]

---

[1]...ابو داؤد، کتاب الصوم، باب فی صوم العشر، صفحہ:390، حدیث:2438۔

[2]...شعب الایمان، باب فی الصیام، جلد:3، صفحہ:356، حدیث:3757۔

[3]...ترمذی،کتاب الصوم، باب ما جاء فی العمل، صفحہ:211، حدیث:758۔

ہر ہر گھڑی ہے اس کی عِزّ و فَضل میں یکتا
بڑھتی ہیں اس میں قَدریں نیکی کی یاد رکھنا!

بادَل کرم کا چھایا، ماہِ حرام آیا
کرنا نہ وقت ضائع، ماہِ حرام آیا

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! ڪھڙا پيارا ۽ فضيلت وارا ڏينهن آهن❁ کھڙيون عظيم راتيون آهن❁انهن ڏينهن ۾ هڪ نيڪي جو ثواب 700 پيرا وڌايو ويندو آهي❁انهن ڏينهن ۾ نيڪي ڪرڻ افضل نيڪي آهي❁انهن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن جو روزو رکڻ 1 سال جي روزن جي برابر آهي❁انهن ڏينهن جي راتين ۾ قيام ڪرڻ (يعني جاڳي ڪري عبادت ڪرڻ) شبِ قدر ۾ عبادت ڪرڻ جي برابر آهي.

## پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نفلي روزا رکندا هئا

مسلمانن جي پياري امڙ حضرت حفصه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون: نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عشرهءِ ذِي الحج ۾ پابندي سان نفل روزا رکندا هئا.[1]

خيال رهي تہ! عشرهءِ ذِي الحج جي روزن جو مطلب آهي: ذوالحج جي شروعاتي 9 ڏينهن جا روزا آهن باقي 10 ذوالحج (يعني عيدُ الاضحيٰ) جو روزو رکڻ جائز نہ آهي.

ڪاش! اسان بہ نيڪين جا لالچي بڻجي وڃون❁اسان جا پيارا آقا، رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عشرهءِ ذوالحج جا روزا رکندا هئا، ڪاش! اسان بہ مصطفيٰ جي ادا کي ادا ڪرڻ جي لاءِ نفلي روزا رکون❁نمازون پڙهون ❁عبادت ڪيون جو اها ئي ڪمائي قبر ۽ حشر ۾ ڪم اچڻي آهي، باقي سڀ ئي تہ هتي ڇڏي وڃڻو آهي، ان ڪري نيڪين جي لالچ وڌائڻ گهرجي، عشرهءِ ذوالحج جي هڪ نيڪي 700 پيرا وڌائي ويندي آهي، تنهنڪري ان موقعي جو فائدو کڻون ۽ خوب نيڪيون ڪيون. الله پاڪ اسان سيني کي پنهنجي رضا وارن ڪمن ۾ مصروف رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]...صحيح ابن حبان، ڪتاب التاريخ، صفحه:1703، حديث:6422.

کچھ نیکیاں کما لے، جلد آخرت بنا لے | کوئی نہیں بھروسا اے بھائی! زندگی کا[1]

## ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو پيغام،

## اسان غلامن جي نانءُ

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي هڪ خصوصي نصيحت جيڪا خاص ڪري اسان غلامن جي لاءِ آهي، ٻڌو! ۽ دل خوش ڪيو! پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: معراج واري رات منهنجي ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام سان ملاقات ٿي، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايائون: اي محبوب نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! پنهنجي امت کي منهنجو سلام پهچايو!

(سُبۡحٰنَ الله! ڇا ڳالهه آهي...!! آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي اسان گناهگارن تي ڪهڙيون ڪهڙيون عنايتون آهن...!! الله پاڪ جا خليل عَلَيۡهِ السَّلَام اسان گناهگارن کي سلام پهچائي رهيا آهن.

اے ماہِ مدینہ تری تنویر کے قرباں!
چمکا دیا اُمّت کا نصیبہ شبِ معراج

الله پاڪ اسان کي انهن ڪرم نوازين تي شڪر جي توفيق عطا فرمائي. مولانا جميل رضوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

اپنے مَحْبوب کی اللہ نے اُمّت میں کیَا
سُنِّیو...! مِل کے کرو شکرِ خُدا آج کی رات...!!)

خير! مان روايت ٻڌائي رهيو هيس. حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذريعي امت کي سلام پهچايو، پوءِ فرمايائون: اي محبوب نبي صَلَّى

---

[1] ...وسائل بخشش، صفحہ:178۔

الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! پنهنجي امت کي فرمايو تہ جنت پاڪ ۽ سرسبز زمين آهي ۽ خالي ميدان جي صورت آهي. بيشڪ هتان جا باغات سُبۡحٰنَ الله! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! لَا اِلٰهَ اِلَّا الله ۽ اَللّٰهُ اَكۡبَر آهن. (الانس الجليل، جلد:1، صفحہ:130)

يعني جنّت جي زمين خالي آهي، بانهو سُبۡحٰنَ الله! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! لَا اِلٰهَ اِلَّا الله ۽ اَللّٰهُ اَكۡبَر چوندو آهي تہ ان جي لاءِ وڻ لڳندا رهندا آهن. تنهنڪري اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي امت کي فرمايو! هنن ڪلمن جو ڪثرت سان ذڪر ڪندا ڪن تہ جيئن جنت ۾ انهن جي لاءِ وڌ کان وڌ باغات لڳندا رهن.

ماشآءَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪهڙي پياري نصيحت آهي. ڪوشش ڪيو! ڪثرت سان الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ جي عادت بڻايو! هڪ ڀيرو **سُبۡحٰنَ الله** چوڻ ۾ ڪيتري دير لڳندي آهي، ڪڏهن گهڙي جو خيال ڪندي (مثال طور Stopwatch هلائي ڪري) ڏسندا! هڪ سيڪنڊ ۾ ٻہ ٽي ڀيرا **سُبۡحٰنَ الله** آساني سان پڙهي سگهجي ٿو. يعني صرف سيڪنڊن جو ڪم آهي ۽ ان جو اجر ڪيترو آهي؟ هڪ ڀيرو **سُبۡحٰنَ الله** چوڻ سان جنت ۾ هڪ وڻ لڳي ويندو آهي. الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

میری زباں تَر رہے ذِکر و دَرُود سے | بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضُول

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرباني جي فضائلن تي حديثون

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! سنتِ ابراهيمي يعني قرباني جا ڏينهن بہ ويجهو آهن. قرباني ڪرڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي، الله پاڪ جي رضا وارو ڪم آهي، ان جي صدقي الله پاڪ جو قرب نصيب ٿيندو آهي، قرباني ڪرڻ سنتِ ابراهيمي آهي، قرباني ڪرڻ انبيا جي سنت آهي ۽ قرباني ڪرڻ محبوبِ خدا، احمد

مجتبيٰ، يعني اسان جي آقا، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري سنت آهي ۞ مسلمانن جي پياري امڙ حضرت عائشه صديقه، طيبه، طاهره رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: نَحر (يعني 10 ذوالحج) جي ڏينهن تي اللّٰه پاڪ وٽ سڀ کان پسنديده عمل رت وهائڻ (يعني جانور ذبح ڪرڻ) آهي، بيشڪ قرباني جو جانور قيامت جي ڏينهن پنهنجي سڱن، وارن ۽ کُرن سان ايندو ۽ قربانيءَ جو رت زمين تي ڪرڻ کان اڳ ۾ اللّٰه پاڪ وٽ قبول ٿي ويندو آهي. تنهنڪري خوش دليءَ سان قرباني ڪريو![1] حضرت زيد بن ارقم رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: توهان جي لاءِ قرباني جي جانور جي هر وار جي عيوض هڪ نيڪي آهي.[2] امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ روايت ڪن ٿا: حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو دل جي خوشي سان، ثواب جي لاءِ قرباني ڪري، ان جي قرباني ان جي ۽ جهنم جي وچ ۾ اوٽ بڻجي ويندي.[3] "سننِ ڪبريٰ" جي روايت آهي، مالڪِ جنت، قاسمِ نعمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: بيشڪ اللّٰه پاڪ جي بارگاهه ۾ سڀ کان وڌيڪ پسنديده قُرباني اها آهي جيڪا قيمت ۾ اعليٰ ۽ خوب ٿلهي ٿنيري هجي.[4] هڪ روايت ۾ فرمايائون: پوڙهي جانور جي بدران جوان جانور جي قرباني بارگاهِ الاهي ۾ وڌيڪ پسنديده آهي.[5]

اللّٰه پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي صدقي اسان کي نيڪ ڪمن جي توفيق نصيب فرمائي، قرباني ڪرڻ جي به توفيق ملي، ڪاش! اسان دل سان سڀ نيڪ ڪم ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]...ترمذی، کتاب:الاضاحی، باب:فی فضل الاضحیہ، صفحہ:383، حدیث:1493۔

[2]...ابن ماجہ، کتاب:الاضاحی، باب:ثواب الاضحیہ، صفحہ:510، حدیث:3127۔

[3]...معجم کبیر،جلد:2، صفحہ:213، حدیث:2670۔

[4]...مسند امام احمد، جد ابی الاشد، جلد:6، صفحہ:375، حدیث:15893۔

[5]...سنن کبری بیہقی، کتاب:ضحایا، باب: یستحب ان یضحی، جلد:9، صفحہ:507، حدیث:19092۔

## 12 ديني ڪم مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار رسالو مطالعو

پيارا اسلامي ڀائرو! خوفِ خدا حاصل ڪرڻ، نيڪين واري زندگي گذارڻ، الله پاڪ جي عبادت ۽ نيڪ اعمال جو جذبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان هر وقت وابسته رهو، 12 ديني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو وٺو، 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار رسالو مطالعو به آهي:

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَلۡعِلۡمُ بِالتَّعَلُّمِ علم سکڻ سان ايندو آهي[1] ❁موجوده دور جي برائين مان هڪ وڏي برائي هي به آهي ته ماڻهو علمِ دين کان پري ٿيندا پيا وڃن ديني ڪتابن جي پڙهڻ جو شوق نه هجڻ جي برابر آهي❁اڳوڻي زماني جا ماڻهو ديني ڪتابن سان ڏاڍو شوق رکندا هئا ❁رات ڏينهن ڪتاب پڙهندا هئا❁تنهنڪري انهن وٽ ديني معلومات به گهڻي هوندي هئي ۽❁زندگي به پاڪيزه رهندي هئي.

❁الحمد لله!❁عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي گهر گهر علمِ دين جي روشني پهچائي رهي آهي❁بانيءِ دعوتِ اسلامي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي خاصيت آهي ته پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه به علمِ دين جا شوقين آهن ۽ عاشقانِ رسول کي به ديني ڪتابَ پڙهڻ جو شوق ڏياريندا آهن❁سندن هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جو فرمائيندا آهن❁مختصر رسالو هوندو آهي❁ ڪجھ منٽن ۾ ئي پڙهيو ويندو آهي.

❁توهان به پڙهندا ڪيو! اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو❁ديني معلومات به وڌندي❁علمِ دين سکڻ جو ثواب ملندو❁ديني ڪتاب پڙهڻ سان دماغ به کلندو آهي❁نظر وسيع ٿيندي آهي❁حڪمت ملندي آهي❁سوچ پاڪيزه ٿيندي آهي❁ ۽

[1]... بخاری ، صفحہ:90، حدیث:67۔

زندگي ۾ نکار اچي ويندو آهي۞جديد سائنسي تحقيقات جي مطابق ڪتاب پڙهڻ سان دماغي بيمارين کان حفاظت ٿيندي آهي.

هر هفتي پابندي سان هفتيوار رسالو پڙهڻ جي نيت ڪري وٺندا، شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هفتيوار رسالو پڙهڻ وارن کي مختلف دعائن سان نوازيندا آهن، اسان هفتيوار رسالو پڙهون ته ڪهڙي خبر الله پاڪ جي نيڪ ٻانهي، ڪامل ولي جي زبان مان نڪتل دعا اسان جي حق ۾ قبول ٿي وڃي ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ ٻيڙو پار ٿي وڃي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اکين جي حفاظت جو ذهن ٻڌجي ويو

حيدرآباد (پاڪستان) جي اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهه هن طرح آهي ته تقريبًا 2004ء جي ڳالهه آهي حيدرآباد کان لاهور وڃڻ جي لاءِ. سفر دوران هڪ اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي جيڪو مسافرن کي ڪِرائي تي وهاڻا ۽ چادرون ڏيندو هو، مون انهن تي انفرادي ڪوشش ڪندي اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو امرد پسندي جون تباهڪاريون تحفي ۾ پيش ڪيو.

تقريباً هڪ مهيني کان بعد جڏهن ٻيهر حيدرآباد کان لاهور وڃڻ ٿيو ته روهڙي اسٽيشن تي اهو نوجوان مونکي ٻيهر نظر آيو. ان اڳتي اچي ڪري سهڻي انداز ۾ ملاقات ڪئي زبردستي ٽرين ۾ نهيل ڪينٽين ۾ وٺي ويو. اتي ان مونکي چانهه پيش ڪئي ۽ چوڻ لڳو: اوهان جيڪو مونکي رسالو ڏنو هو، خدا جو قسم ان کي پڙهي ڪري مونکي روئڻ اچي ويو ۽ هاڻي ته جڏهن هي رسالو پڙهندو آهيان ته منهنجا ڳوڙها وهڻ لڳندا آهن. ٽرين ۾ نظرن جي حفاظت نهايت مشڪل آهي. پر رسالو پڙهڻ کان بعد، مان ڪوشش ڪندو آهيان ته منهنجي نظر ڪنهن غير محرم تي نه پئجي.

| | |
|---|---|
| تِرا شکر مولا دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول |
| یقینا مقدر کا وہ ہے سکندر | جسے خیر سے مل گیا دینی ماحول |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مَعرفةُ القرآن موبائل ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ تمام بهترين موبائل ايپليڪيشن بنام مَعْرِفَةُ الْقُرْآن جاري ڪئي آهي. توهان هن ايپليڪيشن جي ذريعي❁قرآنِ پاڪ جو لفظي ترجمو ۽ مفهومي ترجمو (Translation) پڙهي سگهو ٿا❁هن ايپليڪيشن ۾ آيتن جا عنوان به ڏنا ويا آهن جنهن جي مدد سان پنهنجي موضوع (Topic) جي مطابق قرآني آيتون ڏسي ۽ ڳولي سگهجن ٿيون. خاص ڪري مبلغ اسلامي ڀائرَ هن آپشن مان تمام گهڻي مدد وني سگهن ٿا❁ايپليڪيشن ۾ سرچ آپشن به ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان آيتون ڳولڻ ۾ آساني ٿيندي آهي❁موضوعن کي پن پوائنٽ ڪرڻ جو آپشن به ڏنو ويو آهي. توهان به هي ايپليڪيشن انسٽال ڪري ونو! پاڻ به فائدو ونو ۽ ٻين کي به هن جي ترغيب ڏياريندا!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلان

❁هر ڇنڇر تي اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، اينڊز ڇنڇر تي به مدني چينل تي رات جو تقريباً 9:15 وڳي هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو جنهن ۾ اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. تمام ذميداران ۽ عاشقانِ رسول ان مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائين ۽ ٻين

ڪي بہ دعوت ڏين ۞ **اميرِ اهلسنت** هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ مديني جون مسجدون رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثال طور WhatsApp وغيره استعمال ڪن ٿا، ربَّ جي رضا ۽ ثواب لاءِ هن رسالي کي ٻين تائين (Share) ڪيو! ۞حج ۽ عمري جي زائرين کي مڪي ۽ مديني جي مقدس جڳهن جي خبر نہ هوندي آهي، جنهن سبب هو ڪڏهن ڪڏهن زيارت کان محروم ٿي ويندا آهن، حرمين جي زائرين جي لاءِ نهايت ئي انمول تحفو، ڪيئي مقامن جي تفصيل ۽ ڪيئي عشق ڀرين واقعن تي مشتمل **اميرِ اهلسنت** دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو ڪتاب عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 240 روپيا ڏئي طلب ڪيو! پاڻ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سمهڻ ۽ جاڳڻ جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو شخص عصر کان پوءِ سمهي ۽ ان جو عقل هليو وڃي تہ پنهنجو پاڻ کي ئي ملامت ڪري.[2]

---

[1]... مشکوٰۃ،کتاب:الْاِیمان،باب:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حدیث:175۔

[2]...مسند ابی یعلی، جلد:4، صفحہ:121، حدیث:4915۔

اي عاشقان رسول!❁سمهڻ کان پهريان بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو تان جو ڪو موذي ڪيڙو وغيره هجي تہ نڪري وڃي❁سمهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي ونو:اَللّٰهُمَّ بِاسۡمِكَ اَمُوۡتُ وَاَحۡيَا ترجمو، اي اللّٰه پاڪ! مان تنهنجي نالي سان ئي مرندو آهيان ۽ جيئندو آهيان (يعني سمهندو ۽ جاڳندو آهيان) ❁ ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشا جي درميان سمهڻ مڪروه آهي ❁ منجهند جو قيلولہ (يعني گهڙي گهڙي لاءِ ليٽڻ) مستحب آهي سمهڻ ۾ مستحب هي آهي تہ باطهارت سمهي ۽ ٿوري دير ساڄي پاسي ساڄي هٿ کي رُخسار (يعني ڳل) جي هيٺيان رکي ڪري قبلي ڏانهن سمهي پوءِ ان کان بعد کابي پاسي تي ❁ سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري تہ اتي اڪيلو سمهڻو پوندو سواءِ پنهنجي اعمال جي ڪو گڏ نہ هوندو سمهڻ وقت يادِ خدا ۾ مشغول هجي تهليل ۽ تسبيح ۽ تحميد پڙهي (يعني لَآ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ. سُبۡحٰنَ اللّٰه ۽ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه جو ورد ڪندو رهي) ايستائين جو سمهي رهي، جنهن حالت تي انسان هوندو آهي انهيءَ تي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي قيامت جي ڏينهن انهيءَ تي اٿندو ❁ جاڳڻ کان بعد هي دعا پڙهو: "اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِیۡ اَحۡيَانَا بَعۡدَمَآ اَمَاتَنَا،وَ اِلَيۡهِ النُّشُوۡرُ." ترجمو: تمام تعريفون اللّٰه پاڪ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان بعد زنده ڪيو ۽ انهيءَ ڏي موٽي وڃڻو آهي ❁ جڏهن ڇوڪرو ۽ ڇوڪري جي عمر ڏهہ سالن جي ٿي وڃي تہ انهن کي الگ الگ سمهارڻ گهرجي بلڪ ان عمر جو ڇوڪرو ايتري وڏي (يعني پنهنجي عمر جي) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان گڏ بہ نہ سمهي ❁ ڇوڪرو جڏهن شهوت جي حد کي پهچي وڃي تہ اهو مرد جي حڪم ۾ آهي ❁ ننڊ مان اٿي ڪري ڏنڊڻ ڪريو رات جو ننڊ مان اٿي ڪري تهجد ادا ڪريو تہ وڏي سعادت آهي[1] فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: فرضن کان بعد افضل نماز رات جي آهي.[2]

---

1...550سنتين اور آداب، صفحہ:38-40۔

2... مسلم، ڪتاب الصيام، باب:فَضۡلِ صَوۡمِ الۡمُحَرَّم، صفحہ:424، حديث:1163۔

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

| | |
|---|---|
| مانگو آ کر دُعا پاؤ گے مُدَّعا | در کرم کے کھلیں، قافلے میں چلو |
| ہے نبی کی نظر، قافلے والوں پر | پاؤگے راحتیں قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمۡ وَبَارِكۡ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الۡاُمِّيِّ الۡحَبِيۡبِ الۡعَالِى الۡقَدۡرِ الۡعَظِيۡمِ الۡجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَ صَحۡبِهٖ وَسَلِّمۡ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان

قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناهه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بينل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستّر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]... اَفْضَلُ الصَّلاة، صفحہ:151، خلاصتہً۔

[2]... اَفْضَلُ الصَّلاة، صفحہ:65۔

[3]... قَوْلُ البَدِيْع، باب ثانی، صفحہ:277۔

[4]... اَفْضَلُ الصلاة، صفحہ:149۔

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (1)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (2)

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (3)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

[1] … قَوْلُ البَدِيْع، باب اَوَّل، صفحہ:125۔

[2] … الترغيب والترہيب، کتَابُ الذِّکْر والدُّعَا، جلد:2، صفحہ:329، حديث:30۔

[3] … مَجْمَعُ الزَّوائد، کتَابُ الْاَدْعِيہ، جلد:10، صفحہ:254، حديث:17305۔

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و كريم کان سواءِ كوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.(1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... تاريخ اِبْنِ عَسَاكِر، جلد:19، صفحه:155، حديث:4415.